International Journal of Interdisciplinary Knowledge
https://www.ijikjournal.com
*Jan-March 2026, Vol. 1, No. 1/ P. N [42-54]*

Open Access

**RESEARCH PAPER**

# Imagery in the poetry of Bardo Sindhi

**Bakhtaran Channa**

1. Lecturer Sindhi, Department of Sindhi Language & Literature, Shaheed Benazir Bhutto University, Benazir Abad, Nawab Shah.

***Corresponding Author:** bakhtawar.channa@sbbusba.edu.pk

## Abstract

This research paper examines the aesthetic and functional role of imagery (Manzar Nigari) in the poetry of Bardo Sindhi, a prominent figure in modern Sindhi literature. Imagery is a significant literary device that enhances poetic expression by creating vivid sensory and emotional experiences for readers. The study explores how Bardo Sindhi uses imagery to depict natural, emotional, and cultural landscapes in his poetry. The main objective of this research is to analyze the types of imagery found in his poetic forms such as Bait, Doha, Kafi, and Wai, and to evaluate their aesthetic and thematic significance. A qualitative research methodology based on textual analysis has been applied to selected poems. The findings reveal that Bardo Sindhi's poetry is deeply rooted in rural and natural imagery, reflecting love, longing, cultural identity, and environmental realities of Sindh. The study concludes that imagery in his poetry strengthens cultural expression and enhances the artistic and emotional depth of Sindhi literature.

**Keywords: Imagery, Bardo Sindhi, Sindhi Poetry, Aesthetics, Literary Analysis, Bait, Doha, Kafi, Wai**

## بردي سنڌيءَ جي شاعريءَ ۾ منظرنگاري

جڏهن انسانَ ٻولي نه سکي هئي، ته انهن لقائن کي اشارن سان عڪسي صورت ۾ بيان ڪيو ويندو هو. وري جڏهن انسان ٻولي سکي ورتي ته اهي عڪس لفظن سان بيان ڪيا ويا، تنهن کان پوءِ اهي ڏيک رنگن سان چٽي يا مِٽيءَ مان جوڙي تيار ڪيا ويا. سڀ کان وڏيک انهن منظرن کي لفظن ۾ ئي بيان ڪيو ويو آهي، ڇو ته انهن منظرن کي رنگن سان چٽي پيش ڪرڻ نه رڳو ڏکيو ڪم آهي، پر ان جو پورائو ڪرڻ به مشڪل آهي. شاعريءَ ۾ اهڙا هزارين لکين ڏيک سولائيءَ سان پيش ڪري سگهجن ٿا، پر انهن کي مصوريءَ ۾ آڻڻ لاءِ تمام گهڻن رنگن جي ضرورت پوندي آهي، جنهن ڪري مصوري شاعريءَ جي ڀيٽ ۾ تمام ٿوري ٿئي ٿي ۽ بت تراشي ته مصوريءَ کان به بنهه ٿوري ٿئي ٿي، جنهن ڪري سڀني لطيف فنن کان وڏيک حيثيت شاعري کي ڏني وئي آهي .

منظر نگاريءَ کي پرکڻ لاءِ انسان پنهنجي سڀني حواسن کان ڪم وٺندو آهي ۽ سڀ حواس ان مان حظ حاصل ڪندا آهن. هن ڪائنات ۾ منظر ٻن قسمن جا آهن. هڪ سماوي عڪس ۽ ٻيو ارضي عڪس. انهن منظرن کان سواءِ ٽئين قسم جو ڪو به منظر ڪونهي. سماوي منظر ۾ سج، چنڊ، تارا، ڪتيون، ۽ سمورا نکٽ، موسمون، هواءِ ۽ اڏندڙ پکي پکڻ، جهڙ، وڄ ۽ گوڙيون گجڪارون وغيره اچي وڃن ٿا. ارضي منظر، جن ۾ ڍنڍيون ڍورا، نديون نالا، جبل پهاڙ، ڪيت، ٻنيون، وڻ ٽڻ، گل ٻوٽا رنگ سڀئي ساهورا جانور، انسان، پسون پکڻ، جيت جٽيان، شهر ڳوٺ، پٽون پاٽان، وستيون واهڻ، باغ باغيچا، ڪيتون ۽ واڙيون وغيره اچي وڃن ٿا. شاعري ۾ منظرنگاري سٽاءَ ڪانپوءِ شاعري کي انتهائي موثر بنائڻ جو ٻيو نمبر فني عنصر آهي، جو ٻوليءَ وسيلي شاعر پنهنجي ماحول جا منظر پڙهندڙن تائين پهچائي ٿو. جنهن ۾ انسان جا سمورا حواس ڪم ڪرڻ شروع ڪن ٿا. هر حواس جو ٻوليءَ ۾ پنهنجو پنهنجو علحده حصو آهي، جنهن جي ڪري هر حصي وارا ٻول ترڪيبي صورت ۾ جُڙي پنهنجو پاڻ ڪارج ادا ڪن ٿا. منظر نگاري نه رڳو خيال کي مضبوط بنائي ٿي، پر ٻولي ۽ ڌرتيءَ جي تاريخ ۽ جاگرافي به بيان ڪري ٿي. منظرنگاري انساني پنجن حواسن لاءِ جدا جدا منظر مهيا ڪري ٿي سٽاءَ ڪانپوءِ منظرنگاري شاعري جو ٻيو •منظرنگاري ٻولن جي معنيٰ جو ٻيو نالو آهي. منظرنگاري ڪائنات جي سونهن ۽ سٽاءَ جو حسين ترين بيانيه انداز آهي. منظرنگاري هر وجود جي معنوي تشريح آهي. منظرنگاري مادي جي وجود جو هڪ عڪس آهي ۽ مادي مان جڙندڙ شعور جي تشريح آهي مصوري جتي هلي ڇيهه ڪري ٿي، منظرنگاري اتان سونهن کي ڪٽي تمام اعليٰ درجي تي پهچائي ٿي. اهڙي طرح سنڌي شاعري هر دورم سنڌي شاعري ادب نالي وارا شاعر پيدا ڪيان آهن.موجوده دور ۾ جيڪڏهن سنڌي ادب جو جائزو وٺبو ته سنڌي ادب نثر نويسن تيئ ۾ سنڌي شاعرنءَ جي ستي سندن ماءُ پينگهي ۾ ئي پياري ڇڏي آهي،شهرت جو واسطو ڪم جي معيار ۽ وقت يا دور کي صورت هوندو آهي.شهري نصيب ٿيڻ وارن شاعرن ۾ بردي سنڌي جو نالو به اچي وڃي ٿو. ڳوٺاڻي زندگيءَ جو هر حسين منظر، برده جي شاعرانه اک ڏٺو آهي. زندگيءَ جي هر زخم کي سندس دل سٺو آهي، اهوئي سبب آهي جو سندس هر تاثر ذاتي آهي ۽ سندس هر فن . پارو، مشاهدي تي مشتمل آهي. هن تحقيقي مقالي ۾ بردي سنڌي جي شاعريءَ منظرنگاري جو جائزو پيش ڪيو ويو آهي جنهن ۾ بيت،دوهو،ڪافي ۽ وائي جون صنفون شامل آهن.

### بيت

بيت سنڌي شاعريءَ ۾ اهم صنفن مان هڪ خاص صنف آهي،بيت شاعري جي هر دور ۾ مقبول رهيو آهي. بيت مختصر آهي، پر شاعريءَ ۾ تمام اثراتو ۽ معنوي لحاظ کان هڪ بهترين نموني طور پيش ٿيل آهي.بيت ڪلاسيڪي دور کان وٺي اڄ جي جديد دور ۾ پنهنجي ڀرپور حيثيت ۾ رائج آهي.

”بيت سنڌي شاعريءَ جي هڪ سدا بهار ۽ مقبول ترين صنف آهي.قديم دور کان وٺي موجوده وقت جي شاعرن ”بيت“ کي پنهنجي پوتر احساسن ۽ نازڪ خيالن جي اظهار جو ذريعو بنايو آهي. ڪن محققن جو رايو آهي ته ادبي ۽ تاريخي اهڃاڻ مان معلوم ٿئي ٿو ته سنڌي شاعريءَ جي سڀني صنفن ۾”بيت“ قديم ترين صنف آهي ، جنهن کي 900ع ۾ عربي شاعريءَ هيٺ سنڌي شاعرن ايجاد ڪيو ۽ پنهنجي ان نئين ”سنڌي بيت“ جي بنياد تي سنڌي شاعريءَ جي عمارت کي اڏڻ شروع ڪيو، پرين عالمن ۽ اديبن ”بيت“ کي نج سنڌي شعري صنف ۽ دوهي سورٺي جي ميلاپ مان جڙيل صنف سڏيو آهي.“(1)

بيت عربي ٻولي مان ورتل آهي ،جنهن جي معنيٰ آهي گھر. گھر جي دروازي جي ٻن تاڪن جيان بيت جا ٻه تاڪ مصرع آهن . پھرين مصرع اوليٰ ۽ ٻي مصرع ثاني سڏبي آهي.

بيت جي وڌيڪ وضاحت لاءِ ڊاڪٽر فياض لطيف پنهنجي ڪتاب شيخ اياز جي شاعريءَ ۾ جماليات لکي ٿو ته:

”بيت جي هر سٽ ٻن ڱر پدن ۾ ورهايل هوندي آهي . پهريون پد تيرهن ماترائن جو هوندو آهي ۽ ٻيو يارهن ماتراهن جو هونديون آهن. هندي ۽ سنڌي شاعريءَ جي‘ماترڪ قانون ‘مطابق عام طور تي بيت (13-11) ۽ (11-13) ماترائن تي رَچيو وڃي ٿو، پر جديد سنڌي شاعرن بيت جي ماترڪ ترتيب ۾ ڪجهه تبديليون آڻي ،ان کي نئين نُدرت ۽ جدت سان پڻ لکيو آهي.
(2)“

بيت سنڌي شاعري جي اها معروف صنف آهي، جنهن ۾ سنڌ ۾ ٿيندڙ واقعن،داستانن ۽ سماجي زندگيءَ ۾ ٿيندر عڪس پسي سگھجن ٿا.بيت اهو پندار آهي، جنهن ۾ تهذيب ۽ تمدن جا اثر صدين کان وٺي موجود آهن.بيت ۾ محبت، تصوف، فلسفو، سماجي مرضوعو، خيالن ۽ خوبصورتيءَ سان پيش ڪيو ويندو آهي.

”بيت سنڌي ڪلاسيڪي شاعريءَ جي نج ۽ اهم صنف آهي،جيڪا دوهي ۽ سورٺي جي سنگم مان سرجيل معلوم ٿئي ٿي.سومرن جي دور کان به اڳ ڳاهه جي ذريعي سنڌي بيت اسريو ۽ ايريو ۽ ڳاهن کان الڳ ٿي،جدا صورت وٺي بيٺو.معنوي لحاظ کان هو مڪمل مضمون پنهنجي اندر رکڻ لڳو.سنڌي بيت پهريائين واقعاتي نوعيت جا ملن ٿا،جن ۾ واقعا بيان ٿيل آهن يا واقعن سان وابسته آهن.اهڙا بيت سمنگ چارڻ چيا آهن.’’(3)

اڳتي هلي ڪيترن ڪلاسيڪي شاعرن پڻ بيت جي صنف ۾ رکيو آهي،جنهن ۾ شاهه سيد علي شيرازي ،قاضي قادن،شاهه ڪريم بلڙيءَ وارو،لطف الله قادري، ميون شاهه عنايت، ميون عيسو، شاهه لطيف، خواجه محمد زمان، عبدالرحيم گرهوڙي ، سچل سرمست، خليفو نبي بخش ۽ جديد شاعرن ۾ ڪشنچند بيوس، هري دلگير، شيخ اياز، نارائڻ شيام، تنوير عباسي، استاد بخاري،امداد حسيني،راشد مورائي،عبدالحڪيم، ارشد، مير محمد پيرزادو، خاڪي جويو، سرڪش سنڌي، ادل سومرو، اياز گل ، وسيم سومرو، سعيد ميمڻ، اقبال رند، حاجي ساند، زبير سومرو،بخشل باغي،عامر سيال، رحمت پيزادو ۽ ٻيا ڪيترا ئي شاعر شامل آهن.

هنن شاعرن مان بردو سنڌي به وڏي پائي جو شاعر آهي، جنهن جي شاعري ۾ سونهن، سادگي،سچائي ۽ فطرت جي رنگن سان ماحول جي خوبصورت انداز ۾ منظرنگاري پيش ڪئي آهي. بردي سنڌي جي بيتن ۾ ٻهراڙي جي جوڀن جوان عورتن جي جذبن کي جمالياتي روپ ۽ رنگ ڏئي منظرڪشي ڪري ٿو.جنهن ۾ عورتن کي ڏنل چلڙي جي سک ۽ پيار جو پرپور آظهار ڪري ٿو.۽ ان سان گڏوگڏ فطري منظرنگاري ڪئي اٿس.جنهن ۾ ڳوناٹو ماحول،پکين جي لات، سانوڻ، پارا،ماڪ جون مکڙيون،زمان ۽ مڪان جي منظرنگاري ڪئي آهي بردو سنڌي شاعري ۾ محبت،پيار،سک،اُڪير،وڇورو،ميلاپ ۽ ٻين انيڪ موضوعن جي منظرڪشي ڪري ٿو.سندس اهڙي جمالياتي عڪس کي ظاهر ڪرڻ لاءِ هن بيت مان اندازو لڳائي سگھجي ٿو، ته سندس بيتن ۾ فني لحاظ کان تجنيس حرفي ۽ قافيه به ڪمال جا استعمال ٿيل آهن.فڪري حوالي سان هي بيت هڪ عاشق جو پنهنجي معشوق جي اچڻ جي ڪوڙي خبر ڏيڻ تي قاصد يعني ڪانگ لاءِ ڏنل معيارون آهن. عام طرح سان ڏنو وڃي ته ماڻهو محبت ۾ گرفتار ٿي پنهنجي معشوق سان وابسته هر شئي سان محبت ڪندا آهن. جنهن ۾ پکي، ماڻهوءُ، هوا، سوڪڙيون وغيرهه پر جڏهن هر طرف نا اميدي جو سماءُ هوندوآهي. تڏهن دل شڪسته ٿي .انهن کي معيارون، ڏيڻ لڳندا آهن. اهڙي ڪجهه روش بردي جي هن بيت مان نظر اچن ٿا. بردي سنڌي جي بيتن جو نمونا پيش ڪجن ٿا.

”چلو پلو چيچ مان ،لاهي مکو يار،
جڙي رکيم جان سين،پوئي پاتم هار،
ڏسي نشاني يار جي پون پور هزار،
”بردا“ ٿيان بهار،اڱڻ اچي جي اوچتو.
(4)“

بردو سنڌي جي هن بيت ۾ پڻ محبوب جي ڏنل چلي جي وضاحت ڪئي وئي آهي، جنهن ۾ بيت جي گهاڙيٽي کي پورو ڪرڻ لاءِ ڪوشش ڪئي وئي آهي.جنهن ۾ قافين جو استعمال ٿيل آهي.جهڙوڪ يار، هار، هزار وغيره اچي وڃن ٿا،ان کان سواءِ پوئي پاتم، پون پور، بردا ، بهار، اڳڻ اچي پڻ حرف تجنيس کي ظاهر ڪن ٿا.

"چلو چانديءَ جو پلو، گهڙيو سوناري،
چمڪي سهڻيءَ چيچ ۾ هانءُ وجهي ناري،
بردا" پاڪر ۾ جڏهن سهڻو والاري،
پوءِ چلو جياري، مئل دل محبوب جو."
(5)

بردي سنڌي جي هن بيت ۾ اهڙو ڪو وڏو فڪر سمايل ناهي. تنهن هوندي هن منظرنگاري تمام بهترين انداز ۾ ڪئي آهي ۽ لفظن جي پرڪشش چنڊ جي مدد سان محبوب جي چيچ جي چلي کي ڪيو آهي.۽ پڻ ميلاپ جي منظرنگاري ڪئي آهي.

"ڪوڙ نسورو ڪوڙ آ،ڪانگا تنهنجي لات،
وبهي سامهن وڻ تي، پڪارين پربات،
ٻوليون ٻولين اوپريون، جهڪي پائين جهات،
مان پائيان ايندا پرين، صبح سانجهيءَ رات،
"بردي" تنهنجي بات، ڪوڙي جاڻي ڪالهه کان."
(6)

بردي سنڌي جي هن بيت ۾ تجنيس جو استعمال ٿيل آهي.بردي سنڌي پنهنجي ذهني قوت ۽ فني لحاظ جي مدد سان اهڙا ته ٻول چونڊ ڪري استعمال ڪيا آهن.جنهن جي ڪري هڪ دلچسپ فڪر جڙي ٿو ۽ پڙهندڙ جڏهن انهن موتين جيان مڙهيل سٽن کي پنهنجي زبان جي لرزش اچاريندو آهي. تڏهن ڪيس سڪون ۽ خيالن جي روانگي محسوس ٿيندي آهي.بردي سنڌي پنهنجي شاعري ۾ پڻ اهڙي ڪجهه فني عنصرن کي استعمال ڪيو آهي.جنهن کي حرف تجنيس چيو وڃي ٿو. حرف تجنيس اها آهي جيڪا ڪنهن به شاعري جي ڪنهن به صنف ۾ هڪ ئي بند جي هڪ سٽ ۾ اهڙن لفظن جي چونڊ ٿيل آهي ،جنهن ۾ پهريون پهريون اکر هڪ جهڙوهجي.بردي سنڌي جي شاعري ۾ اهڙا مثال ملن ٿا. هيٺ ڏنل بيت ۾ بردي سنڌي اهڙي طرح لفظ پيش ڪيا آهن.جيڪي حروف تجنيس جي خوبصورتي ظاهر ڪري رهيا آهن.

بردي سنڌي جن بيتن ۾ سنڌ جي زمين جي خوشالي جو ذڪر ڪري ٿو ته سڄي جاءِ شاداب به ناهي پر چوي ٿو ته هر جاءِ خوشحال هجي سڪل نه هجي .اهي هاري ناري جڏهن زمين طرف ويندا آهن.ڳودا پني ڪري ڳاهه لڙندا آهن .بردي سنڌي هن بيت ۾ سهڻي انداز ۾ پيش ڪئي آهي.بردي سنڌي بيت جي آخري سٽ جا آخري ٽي لفظ 'ڳوڏي'، 'ڳسن'، 'ڳاهڙا' حرف تجنيس وارا آهن،جيڪي "ڳ" سان شروع ٿين ٿا.

"سائي سپ نه جُوءِ آ، سُڪي سپ نه سوڪ،
ڪنهن ڪنهن مارڳ موڪ، ڳوڏي ڳسن ڳاهڙا."(7)
"لائڻ سپ نه سرخيون، منهن تي سپ نه ميرَ،
ڪنهن ڪنهن ڪئنرا پير، مڪڻ ڪان به ملوڪڙا."(8)

بردو سنڌي هن بيت ۾ مصنوعي سونهن کي رد ڪري ٿو ۽ چوي ٿو ته اندر ۾ پير هجي ۽ ٻاهر مصنوعي سونهن هجي ته اهڙو مير ماڻهن کي نه ڏيکاريو، جيڪو توهان جي اندر جو ڪردار آهي،ٻاهر به اهڙو ئي ظاهر ڪيو. ڪي ڪي اهڙا به ماڻهو آهن، جيڪي سادا ۽ ملوڪڙا به آهن،انهن کي نظر انداز ڪيو وڃي ٿو پر اُهي مڪڻ ڪان به ملوڪڙا آهن،اُهي ڪنهن جي به دل آزاري نه ٿا ڪن ۽ هميشه ڪنهن جي ڀلي لاءِ سوچن ٿا .ڀلي اهي لوڪ کي وڻن يا نه وڻن انهن وٽ مصنوعي ڏيکاءُ ڪونهي،هُو اصل حقيقت پسندي کي هن بيت ۾ ڏيکاري ٿو.هن بيت ۾ بردوي سنڌي فطرت نگاري جي باري ۾ چئي ٿو ته :

”منهنجا او محبوب ، اڳڻ مون اچيج،
تو سان اوريان اور ـــ ،مان هوريان ڪري هيج،
سِڪي تو لاءِ سيج، روئڻ نيڻ ننڍآڪڙا.“(9)

بردي سنڌي جي بيت جي هن صنف ۾ منظرنگاري سهڻي انداز سان پيش ٿيل آهي .جنهن ۾ محبوب جي سڪ جو ذڪر سمايل آهي .محبوب جي سڪ بيان ڪندي اندر جي اڌمن ڪي خوبصورت منظر ڏئي ،من موهيندڙ انداز سان تجويز ڪيا آهن.هن بيت ۾ شاعر محبوب سان مخاطب ٿي ڪري منظرن ڪي چٽيو آهي.جنهن ۾ فطري منظرڪشي به موجود آهي.

”تو لءِ جاڳي رات ،ننڊون نهارين،
تارا تَڪِن تارڙا ، ويل نه وسارين،
ٽاٽو ڪيئن ٽارين ، آ هُن ٻُڏا آسرا!“(10)

بردي سنڌي جي هن بيت ۾ فطري منظرنگاري  شامل آهي، جنهن ۾ بردي سنڌي فطري ماحول جوڙي پنهنجي پرين جا خيال تصور طور پنهنجي داخلي ڪيفيت جو اظهار ڪري پنهنجي هن بيت ۾ سمائي ٿو.

”آتا نيڻ اُداس ، رنا ڀنا ، ڀِي رات،
ڪڪر ٽاري منهن تان ، چنڊ چيو جو هات،
جهپِي وتم جهات ، ديد سجُاڻي دوست جِي.“(11)

بردي سنڌي پنهنجي هن بيت ۾ پنهنجي جذبن ڪي فطري ۽ سپاويڪ عمل سان منظرنگاري پيش ڪري ٿو، جنهن ۾ فطري طور پنهنجي اندر جي ڪيفيت ڪي ظاهر ڪري ڪائنات جي خوبصورت منظر ڪي موهنيدڙ انداز سان تخليق ڪري پيش ڪيا اٿس. جنهن ۾ رات، ڪڪر ۽ چنڊ جي فطري منظرنگاري ٿيل آهي.

مجموعي طرح بردي سنڌيءَ جي بيتن جي مطالعي سان معلوم ٿئي ٿو ته هن وٽ نيت جوڙي ڪلاسڪ صنف ۾ به انيڪ فطري لڪائن سان ڳڏگڏ منظرن جو به هڪ وڏو جهان بجاءِ نظر اچي ٿو. جيڪو جديد سنڌيءَ جي جهوليءَ ۾ هڪ منفرد اضافو آهي.

**دوها**

دوهو هندي ٻولي جو لفظ آهي، جنهن جي معنيٰ آهي، مصرعن يا سٽن وارو بيت ”ڏوهيڙو“ سنڌي شاعري جو هڪ قديم فن آهي. دوهو  جي صنف پراڪرت ۽ اپرنش جي دور کان مشهور  صنف رهي آهي. جنهن ۾ ڪيترين ئي ٻولين ۽ پڻ شاعر ان شروعاتي دور کان گذريا آهن.

”دوهو ڪلاسيڪي هندي شاعري جي ”به سٽي“ صنف آهي.دوهو هندي لفظ ”دوها مان ورتل آهي،دو = به، + ها = پڇاڙي. دوهي جي سٽ/ مصرع، ٻن حصن ۾ ورهايل آهي. هر حصي کي ”پد“ يا ”تڪ“ چئبو آهي، ٻنهي سٽن ۾ چار پد يا تڪون ٿين ٿيون. هڪ مصراع/ سٽ ۾ 13 ۽ 11 ماترائون ٿين ٿيون. يعنيٰ دوهي جي ٻنهي سٽن ۾ ڪل 48 ماترائون هونديون آهن. دوها پهريان سنسڪرت ۽ هندي ۾ لکيا ويا پر دوهي کي سنڌ جي قديم صنفن ۾ به شمار ڪري سگهجي ٿو.“(12)

دوهي کي هندي ٻولي ۾ شلوڪ پڻ چيو ويندو آهي، دوهي ۾ محبت ۽ هجر جي احساسن ۽ ڪيفيتن جي اثر هوندو آهي، ۽ صوفياڻو رمز موجود هوندو آهي، جنهن سان روح کي راحت ملندي آهي، پر دوهو شاعري ۾ اها واحد صنف آهي جنهن ۾ لاڙ ۽ موضوع  هڪ ئي وقت تي سمايل آهن. دوهي ۾ شاعرن انساني زندگيءَ ۽ سماجي پهلوءَ کي موضوع ۾شامل ڪيو آهي ۽ گهٽو ڪري ته

” ٻن هم وزن مختصر سٽن جي سٽاءُ تي مشتمل دوهي جي صنف، سچ ته پنهنجي وجود ۾ فڪر، فن، محاڪات حسن ۽ حسيت جي وشال ڪائنات رکي ٿي. دوهو توڙي جو هندي شاعريءَ جي چمن جو گل آهي. پر هو سنڌي شاعريءَ ۾ پنهنجو هڳاءَ ۽ حُسن ڪٽي اُسريو ۽ نسريو آهي.“(13)

دوهي جي دورن ۾ ان ۾ موضوع آهن جيئن ته عشق، محبت، حسن، جمال، ميلاپ، وڇوڙو، انتظار جي ڪيفيت، ڏک سک جهڙا موضوع شامل آهن. ڪلاسيڪي دور ۾ دوهي جا موضوع گهڻا رزميه ۽ تصوف تي رهيا آهن. ۽ جديد شاعري ۾ وري دوهي جا موضوعوري عوام جي امنگن، احساسن، سماجي، معاشرتي جي ۾ هڪ سماجي ، ثقافتي ۽ تهذيب جو اهم ورثو آهي. جنهن ۾ معياري شاعري ڪئي ويندي آهي. دوهو سنڌي ادب ۾ جي شاعري ۾ پڻ اهم حيثيت رکي ٿو.

”دوهو، شاعريءَ جو نفيس مزاج ۽ وسيع فضا واري هيئت آهي. ان جو انداز، زبان، سڀ ڪجهه هن ڌرتي سان لاڳاپيل آهن. تنهنڪري اوائلي دور کان وٺي شاعرن ان جي فن، لوازمات، ٻوليءَ ۽ شاعراڻين نزاڪتن جو خاص خيال رکيو آهي. ان جي ٻولي خوبصورت، پرڪشش پر آسان ۽ عام رواجي استعمال ڪئي وئي. ان جا لفظ، محاورا، استعارا، تشبيهون ۽ ترڪيبون سڀ مقامي استعمال ڪيون ويون. تنهنڪري دوهي جي شاعريءَ ۾ وطنيت جي پنهنجائپ وارو ماحول نظر اچي ٿو. دوهي جي شاعريءَ وقت مضمون ۾ موسيقي ۽ ترنم جو به خاص خيال رکيو ويندو آهي.“(14)

دوهي جي مجموعن جو نالو پڻ رويتي لحاظ کان رکيو ويندو آهي. اهڙي طرح سان دوهي جو پهريون شاعر شيخ حماد جمالي هو. ان کان علاوه ڪلاسيڪل شاعري ۾ سومرن، سمن جي آخري دور ۽ ارغونن جي شروعات واري دور ۾ دوهن کي فن ۽ فڪر جي لحاظ کان فطري سونهن سان سنواري سينگاري پيش ڪيو ويو آهي. ان کان سواءِ ٻين شاعرن جوڙوڪ شاهه ڪريم، لطف الله قادريءَ، شاه عبداللطيف جا دوها موجود آهن، ۽ جديد دور جي اندر وري نارائڻ شيام، شيخ اياز، امداحسينيءَ، نياز همايونيءَ، استاد بخاري، مير محمد پيزادو، راشد مورائي، عبدالحڪيم ارشد، ادل سومرو، اياز گل، وسيم سومرو، نصير مرزا، آسي زميني، اظهار منگي ٻيا ڪيترائي شاعر شامل آهن.

.بردي سنڌي جي شاعري ۾ دوهن جي صنف تي پڻ تمام بهترين ڪم ڪيو جنهن جي ۾ منظر، جذبات ۽ احساسات جو عڪس ملي ٿو،رومانوي منظر، محبوب جي جدائي ۽ درد کي به خوبصورت انداز سان پيش آهي، سندس دوهن جو نمونو پيش ڪجي ٿو.

”سانوڻ آيو ،ياد پيو مون کي سانوڙي جو روپ،
من مندر جي در تي نيڻن نمي دکايو ڌوپ.“(15)

بردي سنڌيءَ جي هن دوهي ۾ هڪ پرعزم منظر ۽ جذباتي احساسات جو عڪس پيش ڪيو ويو آهي. "سانوڻ آيو، ياد پيو مون کي سانوڙي جو روپ" ۾ شاعر کي سانوڻ (محبوب) جو تصور ۽ ان جو روپ ياد اچي ٿو، جتي محبوب جي هر خصوصيت، جوهر ۽ حسن ذهن ۾ جهڙي ڌهڪڻ وارا لمحا ڳٽيا وڃن ٿا. هي هڪ نرم، دلگير ۽ محبت پرپور منظر آهي، جتي سانوڻ جي يادگيري ۾ دل ٻڙي رهي آهي. "من مندر جي در تي نيڻن نمي دکايو ڌوپ" ۾، شاعر پنهنجي اندر جي جذباتي ڪشمڪش کي بيان ڪري ٿو، جتي مندر جي در تي محبوب جي تصوير ۽ ياد ۾ آيل اکيون ڳٽائڻ واري نم ۾ ڳٽيا وڃن ٿا. نمي (آنسو) جي ڳٽڻ سان گڏ، شاعر ان جذباتي تڪليف کي محسوس ڪري ٿو، جتي ڌوپ (سڳند) کي محبوب جي ياد ۾ خوشبوءِ ۾ تبديل ٿيندي ڏيکاريو آهي. هي منظر ڪشي، محبت ۽ ان جي يادگيري کي خوشگواريءَ ۽ رومانيت ۾ تبديل ٿيڻ.

جي خوبصورت سجاڻپ آهي.

”رات رات جي بات آ پيارا ، گذري ويندي رات،
ورهين کان هن ويل لءِ ٿاهيم خوابن جا محلات.“(16)

بردي سنڌيءَ جي هن دوهي ۾ رات جي هڪ رومانوي منظر ۽ ان سان جڙيل خوابن جو عڪس پيش ڪيو ويو آهي. "رات رات جي بات آ پيارا، گذري ويندي رات" ۾ شاعر رات جي خاموشي ۽ سڪون ۾ پيار ۽ جذبات جي ڳٽڻ جو اظهار ڪري ٿو، جتي رات جا لمحه صرف هڪ يادگاري ۽ عارضي حالت آهن، جيڪي گذري ويندا آهن. رات جي ان سڪون ۾، شاعر محبوب جي ياد ۾ گم آهي ۽ ان مان حاصل ڪيل جذباتي سک ۽ اطمينان کي بيان ڪري ٿو. "ورهين کان هن ويل لءِ ٿاهيم خوابن جا حلات" ۾ شاعر پنهنجي جذباتي خواهشن ۽ محبتن کي خوابن ۾ ٺاهڻ جو بيان ڪري ٿو، جتي هو محبوب جي ساٿ ۾، هر وقت خوابن ۾ هڪ نئين دنيا کي تخليق ڪرڻ چاهي ٿو. خوابن جا محلات، هڪ روشن ۽ خوشگوار زندگي جو تصور پيش ڪري رهيا آهن، جتي محبت جي موجودگي ۾ سڀ ڪجهه جڳائي ۽ خوبصورت ٿي وڃي ٿو. هي دوهو رات، محبت ۽ جذبات جي نرمي ۽ خوابن جي ڳٽڻ ۾ هڪ سڪون ڀريو منظر پيش ڪري ٿو.

”ساهہ کان وڌ آ منڙي منڙي ساجن تنهنجي سونهن،
تڏهن ته هر ڪا دل ٿي چاهي ، توسان ڪرڻ ورونهن! “(17)

بردي سنڌيءَ جي هن دوهي ۾ منظرڪشي محبت ۽ محبوب جي سونهن جي اثرن کي عميق ۽ دلگير انداز ۾ بيان ڪئي وئي آهي. "ساهہ کان وڌ آ منڙي منڙي ساجن تنهنجي سونهن" ۾، شاعر محبوب جي سونهن کي اهڙي طاقتور ۽ جاذب نظر انداز ۾ پيش ڪري ٿو جو اهو ساهه کان وڌيڪ اهم ۽ ضروري لڳي ٿو. محبوب جو جمال اتنو دلڪش آهي، جو سندس موجودگي ۾ سڄي دنيا هڪ حسين خواب جهڙي لڳي ٿي. هن سونهن ۾ هڪ عجيب ڪشش آهي، جيڪا دل جي اندر هڪ ڳڙڻ ۽ تڙپ پيدا ڪري ٿي.
"تڏهن ته هر ڪا دل ٿي چاهي، توسان ڪرڻ ورونهن" ۾، شاعر محبوب جي سونهن جي اثر ۾ اچي ڪري پنهنجن دل جي جذبات کي انعامي انداز ۾ پيش ڪري ٿو، جتي هر دل پنهنجي محبوب سان رهنمائي ڪرڻ ۽ سندس موجودگيءَ ۾ سڪڻ، محبت ڪرڻ ۽ گڏ رهڻ چاهي ٿي. هي منظرڪشي هڪ محبت ۾ گهيرجي گم ٿيڻ ۽ ان محبت سان زندگي کي هڪ نئي روشني، سک ۽ خوشي محسوس ڪرڻ جو عڪس آهي، جتي محبوب جو جمال دل کي چڪڻ ۾ مگن آهي.

”وئي وهامي رات، اسر ٿيو، جاڳي اوجاڳي ۾ سار،
موڪيل جسم جدا ٿيا چرڪي، رهيو اڌورو پيار.“(18)

بردي سنڌيءَ جي هن دوهي ۾، رات جو وقت ۽ محبوب سان جدائي جي درد کي خوبصورتي سان بيان ڪيو ويو آهي. "وئي وهامي رات، اسر ٿيو، جاڳي اوجاڳي ۾ سار" ۾، رات جو سڪون ۽ اوندهہ ڏيکاريل آهي، جتي شاعر هڪ ٽٽل دل سان اڪيلو، جاڳي رهيو آهي. رات جو وقت اوندهہ آهي، پر دل ۾ اڻ ڳڻيا سوال ۽ غم جو منظر آهي. "موڪيل جسم جدا ٿيا چرڪي، رهيو اڌورو پيار" ۾، محبوب سان جدائي ي جو درد ۽ جذباتي فاصلو پيش ڪيو ويو آهي، جتي جسماني طور تي محبوب کان جدا ٿيڻ، دل ۽ روح ۾ هڪ خالي پن ۽ اڌوري محبت کي ڇڏي ٿو. شاعر جو دل پرپور آهي، پر اڌورو آهي، جيئن جسم ۽ روح ۾ هڪ ٽٽڻ واري ڪيفيت هجي، جنهن ۾ محبوب کان ڌار ٿيڻ هڪ پرپور ۽ گم ٿيل جذباتي تجربو محسوس ٿئي ٿو. هن دوهي ۾، رات، جدائي ۽ محبت جي اداسيءَ جو منظر عميق انداز ۾ پيش ڪيو ويو آهي، جتي هر هڪ لفظ ۽ جملو هڪ درد پريو احساس پيش ڪري ٿو.

”منڙي منڙي مهل اسر جي، ٿڌڙي ٿڌڙي هير،
مس مس ساهہ ستو آ ٿڪجي، جهاڳي جهاڳي سير.“(20)

بردي سنڌيءَ جي هن دوهي ۾ هڪ خوبصورت منظر پيش ڪيو ويو آهي، جتي محبت ۽ سڪون جي گڏيل تاثيرن کي بيان ڪيو ويو آهي. "منڙي منڙي مهل اسر جي، ٿڌڙي ٿڌڙي هير" ۾، شاعر محبوب جي موجودگي ۾ سک ۽ راحت کي محسوس ڪري رهيو آهي. "منڙي منڙي" ۽ "ٿڌڙي ٿڌڙي" جو تڪرار هڪ نرمي ۽ راحت جي احساس جو عڪس آهي، جتي محبوب جو ساٿ هر پل ۾ دل کي سڪ، پيار ۾ آرام ۽ سڪون ملڻ جي حالت پيدا ڪري ٿو. هي منظر هڪ اڻ ڳڻ سڪون ۽ اطمينان جو عڪس آهي، جتي رات جي خاموشي ۽ محبوب جي موجودگي ۾ سڀ ڪجهه نرم ۽ دلڪش ٿي وڃي ٿو.

"مس مس ساهہ ستو آ ٿڪجي، جهاڳي جهاڳي سير" ۾، شاعر پنهنجي اندر جي سک ۽ محبت ۾ گم ٿيڻ جو اظهار ڪري ٿو. "مس مس" جو لفظ هڪ آرامده حالت، راحت ۽ سڪون جي علامت آهي، جتي محبوب جي موجودگي ۾، دل سان گڏ جسم به سڪون محسوس ڪري ٿو. "جهاڳي جهاڳي سير" ۾، شاعر اجا تائين محبت ۽ سک جي ڳڻ ۾ گم آهي، جتي هر پل ۾ وڌيڪ راحت ۽ سڪون حاصل ڪرڻ جي جستجو جاري آهي. هي منظرڪشي، محبت جي اثر، سک ۽ اطمينان جي هڪ نرمي ۽ گهرائي کي عڪس ڪري ٿي.

**ڪافي**

ڪافي سنڌي شاعريءَ جي اوائلي ۽ مقبول صنف رهي آهي. هي صنف قديم عرصي کان وٺي سنڌي شاعريءَ جي جديد دور ۾ اڄ تائين رائج آهي. ڪافي سنڌي راڳن مان هڪ ناياب راڳ جو نالو آهي. ڪافي انساني احساسن ، جذبن ۽

امگن جي ترجماني واري صنف آهي،۽ شاعرن پڻ ڪافي جي صنف کي پنهنجي شاعريءَ لاءِ چونڊ ڪئي آهي.شاعري ۾ ڪافي صوفياڻي انداز ۾ پڻ چيو ويندو آهي.ڪافي سنڌي شاعري ۾ خاص طور تي تصوف، محبت ۽ روحانيت جي جذبات سان بيان ڪيو ويندو آهي.

سنڌي لغت ۾
”ڪافي“ لفظه جي معنيٰ سنڌي شعر جو هڪ قسم ، بيت، ڪلام، گيت ۽ راڳ هڪ راڳڻيءَ جو نالو ڏنل آهي.” ڪافيون عام طور ماترڪ ڇند جي اصولن مطابق آڌاريل آهن، پر علم عروض جي اوج واري دور ۾ ڪافيون علم عروض جي بحر ۽ وزن تي به لکيون ويون آهن. جيتوڻڪ ڪافي هڪ اوائلي ديسي صنف آهي
(21)

ڪافي سنڌي شاعري ۾ هڪ اهم صنف آهن، جيڪا صوفيانه فڪر ۽ سنڌي ثقافت جو بهترين اظهار ڪري ٿي.ان ڪري سنڌي عوام ۾ مقبول آهي. ڪافي ۾ ڪئي مضمون داخل آهن، جنهن ۾ تصوف کان وٺي عشق جي آزارن ۽ ڪانگل قاصد پڻ تائين، محبوب جي ثنا کان وٺي عاشق جي قربانين تائين ۽ جذبن کان وٺي بين الاقوامي ۽ سياست تائين جا موضوع ڪافيءَ جي ڳچيءَ جو هار بڻيل آهن، جن کي ڪافي ۾ پيش ڪيو ويو آهي.

”لفظ ’ڪافي، ’ ڪفيٰ‘ مان نڪتل آهي، جنهن جون به معنائون آهن: هڪ ته ساهميءَ جي ٻنهي پُڙن جو برابر هُئڻ ۽ ٻيو ته شعر جي قافين ۾ ڪو نه ڪو اختلاف هُجڻ، اهو اختلا لفظي هُجي يا معنوي، عرفي هُجي يا اصطلاحي يا عرابي. اختلاف جي برخلاف اتحاد هُجي ته ان حالت ۾ قافيو نه بلڪه ان کي عرديف چئبو. امڪان آهي ته شعر جي ٻنهي مصرعن جي هموزن ۽ توري تڪي ٺاهڻ کي ’ڪفيٰ‘ مان ’ڪافي‘ ويو هُجي.
(22)“

ڪافي جو تعلق موسيقي ۽ گائڪي سان آهي، اسان وٽ عام طور ڪافي ڪلام جو اصطلاح به شايد انهيءَ ڪري رائج آهي جو ڪافي جو پاڻدُ موسيقيءَ سان ٻڌل آهي.ڪافي جي لهجي ۾ نسائي چاشني موجود آهي، ان ۾ عشق، درد ۽ فراق جون آهون ۽ دانهون به ٻڌو ٿا ته وري محبوب جي حسن ۽ جمال جا جلوا سان گڏ سنڌ جا ثقافتي رنگ ۽ ٻوليءَ جون حسناڪيون به پڻ شامل آهنڪافي هڪ موسيقي جي صنف آهي، جيڪا سنڌ ۾ مشهور آهي، ۽ وڏن وڏن گوين ڪافيون ڳائي پنهنجا جوهر ڏيکاريا آهن. ڪافي جي اندر هڪ ڪشش ۽ سرور جي ڪيفيت موجود هوندي آهي.ڪافي اوائلي کان وٺي ڪلهوڙن، ٽالپرن، انگريزن توڙي ورهاڱي کان پوءِ واري دور جي اهم ڪافي گو شاعرن جو ذڪر ڪيو ويو آهي، جن ۾ ميان صاحب ڏنو فاروقي، روحل، سچل، بيدل، حمل، دلپتراءِ، خوش خير محمد، عثمان فقير، مصري شاهه، ٻيدل فقير، چيزل شاهه ۽ مرتضيٰ ڏاڏاهي نانڪ يوسف،طالب المولىٰ، امداد حسيني، تاجل بيوس،اُستاد بخاري، محسن ڪڪڙائي ٻيا ڪيترائي شاعر شامل آهن.
ان کان علاوه بردي سنڌي جي شاعري ۾ ڪافي جي صنف کي خاص اهميت حاصل آهي.سندس ڪافيون عام طور تي انساني جذبات ۽ روحاني تجربن جي ترجماني ڪن ٿيون. بردي سنڌي جي ڪافين ۾ گهڻو ڪري زبان سادي ۽ عام فهم ،فطرت جا عڪس ۽ تشبيهون استعمال ڪيل اٿس.

”آڪڙيون مينگهه ملهار، وطن جي سڪ ۾ وسن ويچاريون،
گهڙيون وڇوڙي جون نه پڇو مون ڪيئن ڪيئن هاءِ گذاريون!
مارن ساڻ ملي هڪ لحظو، وسرن سال ڏکن جا!“
(23)

بردي سنڌيءَ جي هن ڪافيءَ ۾ وطن جي سڪ ۽ وڇوڙي جي تڪليف کي منظر ڪشيءَ ذريعي نهايت درد ڀري انداز ۾ بيان ڪيو ويو آهي. "آڪڙيون مينگهہ ملهار" ۾ اکين مان ڳوڙهن کي مينهن جي رم جهم سان تشبيهه ڏني وئي آهي، جيڪي وطن جي ياد ۾ وسن ٿيون. وطن کان پري رهڻ واري ويرانيءَ کي "وڇوڙي جون گهڙيون" سڏيو ويو آهي، جن ۾ شاعر جي تڪليف ۽ ڏکن ڀري زندگيءَ جو هر پل جهلڪ ڏيکاري ٿو. پر جڏهن مارن (پيارن) سان هڪ لمحي جي ملاقات ٿئي ٿي، ته ان لمحي جي خوشيءَ سان سالن جا ڏک وسري وڃن ٿا. هيءَ ڪافي فطرت، وطن ۽ انساني جذبات جو حسين امتزاج پيش ڪري ٿي، جيڪا پڙهندڙ جي دل تي گهاتو اثر ڇڏي ٿي.

”هو منڙيون ۽ سهڻيون،عطر مشڪ هاڻيون،
وتن ويڙهہ ۾ ڇڻ ڪتوريءَ جون ڪاڻيون!
ٽريليون، مريليون، روهيليون، پناڻيون _“(24)
ڏسن جي ڪٽي اک، وجهن هانءُ ڏاري!

بردي سنڌيءَ جي هن ڪافيءَ ۾ مختلف ثقافتن جي حسن ۽ انهن جي انوکي دلڪشيءَ جي تصوير ڪشي ڪيل آهي. "هو منڙيون ۽ سهڻيون، عطر مشڪ هاڻيون" ۾ عورتن جي خوبصورتي ۽ سندن سادگيءَ کي خوشبوئن سان ڀيٽيو ويو آهي، جيئن هو پنهنجي ماحول ۾ عطر وانگر خوشبوون وکيرين ٿيون. "وتن ويڙهہ ۾ ڇڻ ڪتوريءَ جون ڪاڻيون" ۾ ڪتوريءَ جهڙي خوشبوءَ ۽ انمول خزانن جهڙي حيثيت کي بيان ڪيو ويو آهي، جيڪي پنهنجي پنهنجي علائقن جي خوبصورتيءَ جا مثال آهن. ٽريليون، مريليون، روهيليون ۽ پناڻيون مختلف علائقائي ۽ ثقافتي پس منظر کي نمايان ڪن ٿيون، جيڪي پنهنجي پنهنجين انوکن خاصيتن سان هڪ خوبصورت ۽ متنوع سنڌ جي تصوير کي سامهون آڻين ٿيون.

”ڦٽي نند وئي، آرام ويو، منهنجي سامهون سنگرام هيو,
ڏکي ڏوهہ ويا ڪند ڍرڪي پيو ، ڏسي اکين ساڻ ٻڪيل اکيون.“(25)

بردي سنڌيءَ جي هن ڪافيءَ ۾ اندروني تڪرار ۽ احساساتي اذيت کي انتهائي جاندار منظر ڪشيءَ سان پيش ڪيو ويو آهي. "ڦٽي نند وئي، آرام ويو" ۾ ذهني بيچيني ۽ سڪون جي کوٽ کي بيان ڪيو ويو آهي، جيڪو ڪردار جي گهري اڻ تڻ جو عڪاس آهي. "منهنجي سامهون سنگرام هو" ۾ زندگيءَ جي جنگ ۽ ذاتي چڪرين کي هڪ ميدانِ جنگ سان تشبيهه ڏني وئي آهي، جتي هر پل هڪ نئين آزمائش آهي. ڏوهن جو وزن ۽ ضمير جي جاڳرتا کي "ڏکي ڏوهہ ويا" ذريعي ظاهر ڪيو ويو آهي، جڏهن ته "اکين ساڻ ٻڪيل اکيون" ۾ انهيءَ اذيت جي منظر ڪشي ڪئي وئي آهي، جيڪا ڏسندڙ جي دل کي چرڪائي ڇڏي ٿي. ڪافي پنهنجي سادي پر گهري اظهار سان انساني جذبن جي پيچيدگين کي واضح ڪري ٿي.

مان نيڻ نوائي ۽ جوڙي هٿ، ڳل پاند وجهي ڪيان روز منٿ،
ايئن ساڙ نه سهٽا، ساهي ڏي ، هڪ پل لئه پيارا پَلِ اکيون.“
(26)

بردي سنڌيءَ جي هن ڪافيءَ ۾ محبت ۽ عاجزيءَ جو انتهائي جذباتي اظهار آهي، جتي عاشق پنهنجي محبوب جي ڪاوڙ کي ختم ڪرڻ لاءِ هر ممڪن ڪوشش ڪري ٿو. "مان نيڻ نوائي ۽ جوڙي هٿ" ۾ محبت ۾ جهڪاءُ ۽ عاجزيءَ کي نمايان ڪيو ويو آهي، جتي عاشق پنهنجا نيڻ جهڪائي هٿ جوڙيندو آهي، جيئن سندس محبوب جو دل نرم ٿي وڃي. "ڳل پاند وجهي ڪيان روز منٿ" ۾ عاشق جي التجا ۽ روزاني دعائن جي شدت جو اظهار آهي، جيڪا سندس احساسن جي سچائيءَ کي ظاهر ڪري ٿي. "ايئن ساڙ نه سهٽا، ساهي ڏي" ۾ محبوب کان محبت ۽ معافي جي درخواست آهي، جتي ساهہ کي محبت جي علامت طور پيش ڪيو ويو آهي، ۽ "هڪ پل لاءِ پيارا پل اکيون" ۾ محبوب سان هڪ پل جي ملاقات جي خواهش بيان ڪئي وئي آهي، جيڪا عاشق جي سچي زندگيءَ جي خوشيءَ جي برابر آهي. هي ڪافي محبت جي بيحد گهراين ۽ دل جي آرزوئن جو دلڪش اظهار آهي.

”نيڻ نهارن پار اباڻو، رم جهم برسن رم جهم برسن،
لڙڪ ابهرا اهڙا جو بس، هڪبئي لئه ڀي ڪين ٽا ترسن، جي ڀانءِ آ ”بردا“،
منهنجي اکڙين کي آلاڻ.“
(27)

بردي سنڌيءَ جي هن ڪافيءَ ۾ جذباتي تڪليف ۽ وڇوڙي جي منظر ڪشي نهايت دل کي ڇهندڙ انداز ۾ پيش ڪئي وئي آهي. "نيڻ نهارن پار اباڻو" ۾ وطن يا محبوب ڏانهن ڏسڻ جي بيچيني ۽ اڻ تڻ کي اجاگر ڪيو ويو آهي، جتي رم جهم برسات جي

صورت ۾ فطرت جي سونهن ۽ ڏک جي شدت گڏجي هڪ منفرد ماحول جوڙين ٿا. "لڙڪ ابهرا اهڙا جو بس" ۾ بيحد درد ۽ غم جو بيان آهي، جتي ڳوڙهن جي شدت ان حد تائين پهچي وڃي ٿي جو اهي روڪجن ئي نه ٿا. "هڪبي لاءِ پي ڪين ٿا ترسن" ۾ محبوب يا وطن لاءِ اڻ ڪٽ تڙپ ۽ بيقراري جو اظهار آهي. آخر ۾ "منهنجي اکڙين ڪي آلاڻ" ۾ شاعر پنهنجي اندروني ڪيفيت کي واضح ڪري ٿو، جتي اکين جو آلاڻ سندس جذباتي لاچارگيءَ ۽ دل جي ڪيفيت جو مظهر بڻجي ٿو. هيءَ ڪافي هڪ ئي وقت ڏک، محبت ۽ فطرت جي حسين تصويرن جو گڏيل اظهار آهي.

**وائي**

وائي بيت وانگر ڪلاسيڪل سنڌي شاعريءَ جي اوائلي دور جي هڪ خاص صنف آهي. جيئن ته بيت جوجنم سنڌ جي قديم دوهن ۽ سورٺن جي صنف مان ٿيو آهي، ائين ئي وائي جو جنم بيت مان ٿيو آهي. جيڪڏهن وائي مان وراڻي واري پد ڪڍي ڇڏجي ته ان جي بيهڪ لڳ ڀڳ ببيت وانگر ٿي ويندي ،وائي سنڌ جي صوفيانه، عوامي ۽ روايتي ثقافت سان جُڙيل آهي.

”وائي جي بناوٽ ۽ سٽاءَ جي لحاظه کان عام طور تي وائيءَ جو ٿل (مطلع) ۽ ان جي پويان ايندڙ هر بند جي وراڻي لازمي طور اچي ٿي، وائي هڪ غنائي صنف آهي، جنهن تي شاعريءَ جي اصولن کان وڌيڪ راڳ رنگ جو اثر نمايان آهي. وائيءَ جي لفظي معنيٰ 'سڏ' يا 'صدا' آهي. وائي لفظه 'واڻي'، 'ٻاڻي' (آواز) جو سنڌي روپ آهي. وائي مسلسل موضوع هوندو آهي ۽ ان جو خيال جي وحدت سمايل هوندو آهي.
(28)“

وائي جو ٿلهه به اڌ ٿئي ٿو. پهرين اڌ ۾ قافيو ۽ ٻيو اڌ بنا قافيي جي ٿئي ٿو.وائيءَ جي هڪ سٽ ۽ پڻ وراڻي موجود آهي.بناوٽ جي لحاظ کان وائي هيڪوڻي، ڏيڍوڻي ۽ ٻيڻي پڻ هوندي آهي.

”موسيقي جا ڄاڻو وائيءَ کي پراڪرت زبان جي لفظ 'وايا' ۽ سنسڪرت جي 'وارتا' مان نڪتل ڄاڻائن ٿا. سنسڪرت ۾ 'ورت' لفظ جي معنيٰ 'هجر، فراق يا وڇوڙو' آهي. ٻولي جا ماهر وائيءَ کي عربي ٻوليءَ جي 'واءِيا واءِ واءِ'۽ گروناڪ جي هندي 'ٻاڻي يا واڻي' سان منسوب ڪن ٿا. بهرحال سنڌ جي هيءَ سُرائتي صنف بنيادي طور تي سُر ۽ سنگيت مان سِرجي آهي۽ هن جو گهڻو تڻو وجود به سُر ۽ تال تي مدار رکي ٿو.“
(29)

وائي کي اڄ به سنڌ ۾ سُر سان ڳايو ويندو آهي.وائي کي عشق ،محبت ۽ وحدت جي ذڪر سان موسيقي جي ذريعي ڳايو ويندو آهي.

”وائيءَ تي اهو نالو ڪيئن پيو ۽ ڇو پيو؟ تنهن لاءِ قياسي قسم جون ڪئين تاويليون ٿي سگهن ٿيون، مگر سنئين سڌي ڳالهه هيءَ آهي ته وائي ڏکڻ سنڌ يعنيٰ لاڙ جو هڪ مقامي ۽ نج سنڌي لفظ آهي ۽ لغت جي اعتبار کان معنيٰ اٿس 'آواز ۽ سر' پڙڪو، بيان، گفتگو، زبان، ڳالهه ٻول وغيره، جنهن کي عام اصطلاح ۾ ٻولي چئجي ته ڳالهه ٻول۽ گفتگو به سڏجي ٿو.“
(30)

وائي سنڌي ادب ۾ سنڌس شاعري جي نج ۽ اهم صنف آهي.
وائي ڪلاسيڪي کان وٺي جديد دور ۾ اڄ به رائج آهي،وائي لاڙي لهجي ۾ پڻ چئي ويندي آهي، وائي محاورن، اصطلاحن ۽ ڪچهرين جي ميڙ ۾ چئي ويندي آهي. ” دراصل وائي آهي ئي هندي ڇند مطابق جوڙيل يعنيٰ هڪڙي وائي 'دوهي ڇند' تي ۽ ٻئي قسم جي وائي 'دوهي ڇند' تي آڌاريل هوندي آهي.هنن ٻنهي قسمن ۾ پڻ سورٺي ۽ دوهي جيان ٿلهه جي جڙت ٿيل هوندي آهي، جنهن لاءِ اهو ٻڌائڻ ضروري ته نه آهي ته سورٺي جي پهرئين ۽ ٽئين پد ۾ قافيو ٿيندو آهي، اهڙي قسم جي وائيءَ ۾ پڻ قافيو، ٿلهه جي پهرئين پد ۾ رکيوويندو آهي، جنهن جي ماترڪ ڳڻپ يارنهن ٿيندي آهي، پر هر بند جي ٻئي پد ۾ قافيو رکيو ويندو آهي.دوهي ڇند واري وائيءَ جي قسم ۾ وري قافيو ٿلهه جي ٻئي پد ۾ رکيو ويندو آهي، جنهن جي ماترڪ ڳڻپ تيرنهن ٿيندي آهي، چاڪاڻ جو دوهي جي ٻئي ۽ چوٿين پد ۾ قافيو رکيو ويندو آهي.هن قسم جي وائيءَ ۾ به بندن جي هر ٻئي پد ۾ قافيو رکيو ويندو آهي.“
(31)

وائي به اصولن مطابق لکي ويندي آهي.شاهه عبداللطيف جي شاعري ۾ وائي پڻ مقبول شامل آهي .جديد شاعري ۾ شيخ اياز وائي جي صنف کي چند سان گڏوگڏ وائي کي عروض تي به لکيو آهي.ان کان علاوه استاد بخاري، عبدالرزاق راز، ولي دائود پوٽو،نارائڻ شيام امدا حسيني، تنوير عباسي، نياز همايون، سرڪش سنڌي، ادل سومرو، هري دلگير، قمر شهباز،محسن ڪڪڙائي ۽ احمد خان آصف ٻيا ڪيترائي نالا شامل آهن.
جنهن ۾ بردو سنڌي پڻ شامل آهي سندس وائين ۾ نواڻ واري راهه ،سادگي استعمال ٿيل آهي، مٺاس سان پريل لفظ ۽ دلڪش انداز سان وائن ۾ منظرنگاري ٿيل آهي.بردي سنڌي وٽ وائي ۾ جيڪي موضوع آهن، جنهن ۾ محبت، وڇوڙو ۽ فطرت نگاري موجود آهي. سندس وائين ۾ خيال ۽ جذبن جي عڪاسي ٿيل آهي بردي سنڌي جي وائين جا نمونا پيش ڪجن ٿا.

”تنهنجي منهنجي زندگيءَ جو ورق هڪڙو ،جڻ ڪتاب:
پر نٿو ڏسجي _نگاهن تي چانيل ڪو سراب!
هِن جي هر هڪ حرف ۾ آهن سمايل ڪيئي باب:
پر نٿو ڏسجي - نگاهن تي چانيل ڪو سراب!
هِن جهانِ رنگ و بُو جو ذرو ذرو آفتاب:
پر نٿو ڏسجي _ نگاهن تي چانيل ڪو سراب!
هت سوين سورج ٿا چمڪن ، ۽ هزارين ماهتاب:
پر نٿو ڏ ڏسجي . نگاهن تي چانيل ڪو سراب!“
(32)

بردي سنڌيءَ جي هن وائيءَ ۾ زندگيءَ کي هڪ ڪتاب جي روپ ۾ پيش ڪيو ويو آهي، جنهن جو هر ورق ڪنهن پراسرار ڪهاڻي يا راز سان پريل آهي. هن ڪائنات کي رنگن ۽ خوشبوئن سان جڙيل هڪ اهڙي جهان جي طور تي بيان ڪيو ويو آهي، جتي هر ذرو آفتاب جي روشنيءَ وانگر جوت وارو آهي، ۽ سوين سج ۽ هزارين چنڊ هڪ ئي وقت چمڪي رهيا آهن. پر هن سموري روشني ۽ حسن جي باوجود، انساني نگاهن تي چانيل سراب حقيقت کي ڏسڻ کان روڪي ٿو. هي منظر ڪشي هڪ اهڙي اداسي ۽ گنڀيرتا سان جڙيل آهي، جيڪا نه رڳو انساني ادراڪ جي محدوديت کي پرڪيندي آهي پر ان کي حقيقت جي تلاش لاءِ اياري ٿي.

”سهٽا، ڏئي سؤ سور ،محب، تو ماريو!
نيڻن جا،نازڪ چالاڪ - هاءِ ، گُهتيو هڪ گهور...!
يار سياڻا، تنهنجا ماٺا، نازُ نسورو نُور..!
آءٌ ، اچي ڪر، ير، دلجوئي، ڪج ڏولاو ڏُور...!
ڪري پلايون مِل بردي سان،دانَه،ڪنهن دستور...!“
(33)

بردي سنڌيءَ جي هن وائيءَ ۾ محبت جي شدت ۽ محبوب جي جادوءَ پري نظرن جو اهڙو منظر پيش ڪيو ويو آهي، جيڪو سچي دل کي گُهٽ ڏئي ڇڏي ٿو. محبوب جا چالاڪ نيڻ نازڪتا سان پرپور آهن، جيڪي هڪ ئي گهوريءَ سان عاشق جي دل کي زخمي ڪري ڇڏين ٿا. وائيءَ ۾ محبوب جي حسن ۽ سياڻپ کي اهڙي انداز سان بيان ڪيو ويو آهي، جيڪو نُور ۽ ناز جو ميلاپ لڳي ٿو. عاشق محبوب کي دلجويءَ لاءِ التجا ڪري ٿو ته هو پري ڏولاو ڪري، ۽ انساني رشتي جي پلائين ۽ محبت جي دستور کي اپنائي. هي منظر محبت جي درد، شوق، ۽ اميد جي هڪ دلڪش تصوير کي اجاگر ڪري ٿو.
”تون نه آئين ، ڏينهڙا ميلاپ جا آيا وري،
.....ٿي دل ڇري!
اج وري سانوڻ اچي کي رنگ هت لايا وري،
.....ٿي دل ڇري!
گونچ گل آهن جوان ،تن کي نه ڪنهن جي ڪاڻ آ ،
پٽ جو سندن پهراڻ آ؛
ٌ هير سانوڻ جي ريرون سـ تي ڪيڊي ،سرهاڻ آ ،
ٽيو مســت اج مهراڻ آ :ُ

منهنجي ن آســ اج نيارا ڳيچ ڪي ڳايا وري،
.....ٿـي دل چـري!"
(34)

بردي سنڌيءَ جي هن وائيءَ ۾ محبت جي اداسي، فطرت جي رنگين منظرن، ۽ موسم جي حسن جو دلڪش ميلو آهي. شاعر محبوب جي نه اچڻ جو غم ڪندي به ساونڻ جي سرهاڻ ۽ فطرت جي جوانيءَ کي پنهنجن لفظن ۾ امر ڪري ٿو. گونچ گلن جي بي پرواهه جوبن ۽ سندن قدرتي حسن جو اظهار، ساونڻ جي هير جي سُرهاڻ سان ملي، هڪ روحاني مسرت جو احساس پيدا ڪري ٿو. مهراڻ جي مستي، ۽ فطرت جي موسيقي، جهڙوڪ نيارا ڳيچ، شاعر جي اندر جا درد به نواڻ ۾ تبديل ڪن ٿا. هي منظر ڪشي فطرت جي حياتيءَ پرئي حسن ۽ انسان جي اندروني اُداس ڪيفيت جو حسين تضاد پيش ڪري ٿي، جتي دل جي چري ٿيڻ جو احساس، محبت جي گهرائيءَ کي بيان ڪري ٿو.

"جوانيءَ کي ڳل لائي جواني،
جهومي مُرڪي گهورَ سان گهائي؛
چاتيون چَلڪن، ۽ من ڌڙڪي،
ڪو پَن ڪڙڪي هانءُ ڪنبائي ؛
ڪنڌ ورائي، ڏڪي، واجهائي ،
چنبڊ ڪو ڏيئي ، پاڻ ڇڏائي:
'بردا'،پوءِ ميدان محبت ۾ ٿئي زورا زوري!
.... واهڻ جي وه چوري! "
(35)

بردي سنڌيءَ جي هن وائيءَ ۾ محبت جي شدت ۽ جذباتي ڪشمڪش جو منظر پيش ڪيو ويو آهي، جتي جواني پنهنجي جوبن کي پاڪر ۾ پري، محبت جي ميدان ۾ هڪ وٽندڙ مگر طوفاني جنگ جوڙي ٿي. محبوب جي مرڪ ۽ جادوءَ پري گهور دل تي چريءَ جيان اثر ڪري ٿي، ۽ هر حرڪت، جيئن پَن جو ڪڙڪو يا ڪنهن جو ڪنڌ ورائڻ، عاشق جي دل کي ڌوڏي ڇڏي ٿو. محبوب جي چاتين جو چلڪڻ ۽ سندس چنبڊ سان پاڻ ڇڏائڻ، محبت جي ڪنورتا ۽ بي خوديءَ کي وڌيڪ تيز ڪري ٿو. هي وائي جذبات جي شدت، محبت جي بي خودي، ۽ عاشق جي اندر ۾ پيدا ٿيندڙ تلاطم جو اهڙو منظر آهي، جيڪو محبت جي طاقت ۽ ان جي سرمستيءَ کي زورا زوريءَ جي علامت سان پيش ڪري ٿو. "واهڻ جي وه چوري" واري تصوير محبت جي ڪاميابيءَ ۽ ان جي بي رحم فطرت جو اڻ مٽ تاثر ڇڏي ٿي.

## حوالا


1. جمالي محمد اسحاق،ڊاڪٽر، سنڌي شاعريءَ جي فن ۽ فڪر جو تحقيقي اڀياس،ساحل پبليڪيشن، حيدرآباد، ايڊيشن پهريون 2022ع،ص118
2. فياض لطيف،ڊاڪٽر، شيخ اياز جي سنڌي شاعري ۾ جماليات، انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي،ڄام شورو، ڊجيٽل 2020ع ،ص252 عباسي ظفر، سنڌي شاعريءَ جون صنفون ۽ صنعتون، ايم ايچ پنهوري انسٽيٽيوٽ آف سنڌ اسٽڊيز،ڄام شورو ڇاپو پهريون 2007ع،ص114
3. بردو سنڌي، بوندون بس نه ڪن، انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجيءَ ڄامشورو، ڇاپو پهريون 1988ع،ص119
4. ايضاًع،ص119
5. ايضاًع،ص120
6. ايضاًع،ص117
7. ايضاًع،ص117
8. بردو سنڌي، اڪڙيون مينگهه ملهار،ص78
9. ايضاًع،ص78
10. ايضاًع،ص79

11. عباسي ظفر، سنڌي شاعريءَ جو صنفون ۽ صنعتون، ايم ايڇ پنهور انسٽيٽيوٽ آف سنڌ اسٽڊيز، ڄامشورو، ڇاپو پهريون 2007ع،ص99
12. فياض لطيف،ڊاڪٽر، شيخ اياز جي سنڌي شاعري ۾ جماليات، انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي، ڄامشورو، 2020ع،ص272
13. جمالي محمد اسحاق، ڊاڪٽر، سنڌي شاعريءَ جي فن ۽ فڪر جو تحقيقي اڀياس 2022ع،ص116
14. بردو سنڌي،اکڙيون مينگهه ملهار،دوها،ص80
15. ايضاً،ص80
16. ايضاً،ص80
17. ايضاً،ص80
18. ايضاً،ص80
19. جمالي محمد اسحاق،ڊاڪٽر،سنڌي شاعريءَ جي فن ۽ فڪر جو تحقيقي جائزو، ساحل پبليڪشن، حيدرآباد، ايڊيشن پهريون 2022ع،ص140
20. گبول مشتاق، شاعريءَ جون صنفون، روشني پبلڪيشن، ڪنڊيارو، سنڌ، ڇاپو پهريون 2017ع،ص138
21. اکڙيون مينگهه ملهار، ڪافي،ص38
22. ايضاً،ص45
23. بردو سنڌي،ٻوندون بس نه ڪن،انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي ڄامشورو،ڇاپو پوريون 1988ع،ص36
24. ايضاً،ص36
25. ايضاً،ص37
26. جمالي محمد اسحاق، ڊاڪٽر، سنڌي شاعري جي فن ۽ فڪر جو تحقيقي اڀياس، ساحل پبليڪشن،حيدرآباد، ايڊيشن پهريون 2022ع،ص129
27. فياض لطيف،ڊاڪٽر، شيخ اياز جي سنڌي شاعريءَ ۾ جماليات، انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي ڄامشورو، ڊجيٽل ايڊيشن 2020ع،ص277
28. جمالي محمد اسحاق،ڊاڪٽر، سنڌي شاعريءَ جي فن ۽ فڪر جو تحقيقي اڀياس، ساحل پبليڪشن، حيدرآباد، ايڊيشن پهريون 2022ع،ص130
29. پيرزادو عبدالستار، شاهه لطيف جي وائي ۽ وائيءَ جي اوسر، شاهه عبداللطيف ڀٽائي چيئر، ڪراچي يونيورسٽي، ڇاپو پهريون مارچ2016ع،ص79
30. اکڙيون مينگهه ملهار،وائي،ص48
31. ايضاً،ص50
32. ايضاً،ص60
33. ايضاً،ص63
34. سومروعبدالغفار،قاضي علامه آءِ آءِ،”صوفي لاکوفي“ ،سنڌي ادبي بورڊ، ڄامشورو، ڇاپو پهريون 1995ع،ص77